WWW.PILDAT.ORG

پوزيشن پيپر

# پوليس آرڊر 2002 : تنقيدي جائزو ۽ آئيني بحث

دسمبر 2015




پلڊاٽ
پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊيولپمينٽ
اينڊ ٽرانسپيرنسي

WWW.PILDAT.ORG

## پوزيشن پيپر

# پوليس آرڊر 2002 :
# تنقيدي جائزو ۽ آئيني بحث

دسمبر 2015



پلڊاٹ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈیولپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرنسی

پلڊاٽ هڪ خودمختيار، اڻ ڌريو، غير منافعي بخش، تحقيقي ۽ سکيا فراهم ڪندڙ مقامي ادارو آهي جنهن جو مشن پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي سگهارو ڪرڻ آهي.

پلڊاٽ هڪ غير منافعي بخش تنظيم آهي، جيڪا پاڪستان جي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860ع تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي.

ڪاپي رائيٽ: پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊيولپمنٽ اينڊ ٽرانسپيرينسي _ پلڊاٽ

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

پاڪستان مان ڊسمبر 2015 ع ۾ ڇپرايل

ISBN: 978-969-558-568-9

هن اشاعت جو ڪوبہ حصو پلڊاٽ جو واضح حوالو ڏيئي بيهر شائع ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد آفيس: پي او باڪس نمبر 278، ايف ايٽ، پوسٽل ڪوڊ 44220، اسلام آباد، پاڪستان

لاهور آفيس: پي او باڪس 11098، ايل سي سي ايڇ ايس، پوسٽل ڪوڊ 54792، لاهور، پاڪستان

اي ميل info@pildat.org ويب سائيٽ www.pildat.org

# مواد

مهاڳ
ليکڪ جي باري ۾
خلاصو

**تعارف** 11

**پوليس آرڊر 2002 جو تجزيو** 11

**ڪمزوريون** 11

**عمل درآمد جو صورتحال** 12

**صحيح نموني عملدرآمد نہ ٿيڻ جا سبب** 12

– شراڪتدارن سان لهہ و چڙ جي کوٽ 12
– پي او 2002 ۾ (2004 کان 2007ع دوران) ڪيل ترميمون 13
– ارڙهين ترميم ۽ پوليس ۾ جمهوري سڌارن لاءِ نوان چيلنج 13

**وفاقي ۽ صوبائي قانون ساز ادارن جي پوليس جي انتظامي ڍانچي بابت قانون سازي جي اختيارن تي آئيني بحث** 14

**سنڌ پوليس بل 2014ع جو مسودو: ڪجھ ڪارائتيون تجويزون** 16

**علائقائي ۽ عالمي تجربا** 17

– ڀارت 17
– انگلينڊ 18

**اسيمبلي ميمبرن لاءِ سفارشون** 19

## مهاڳ

پوليس پروسيڪيوشن سروس ۽ قانوني امداد جي نظام ۾ اصلاح آڻڻ لاءِ پلدبيٽ صوبائي ۽ قومي سطح تي قانونسازي ۽ پاليسي ايڊووڪيسي شروع ڪئي آهن. انهي سلسلي جي ڪڙي ۾ پلدبيٽ ٿنهي موضون تي پاليسي اصلاح ٺاهڻ لاءِ تجويزون، ۽ انهن کي حقيقتن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ طور طريقن تي پوزيشن پيپر لکڻ لاءِ ماهر مقرر ڪيا آهن.

هي پوزيشن پيپر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي پوليس سرشتي ۾ قانونسازي لاءِ اختيارن بابت حقيقتن تي ٻڌل هڪ موقفي مقالو ڏيڻ جي ڪوشش آهي. انهي پوزيشن پيپر ۾ بين الاقوامي ۽ علائقائي ڍانچن جي ڪيس اسٽڊيز جو تجزيو، پوليس آرڊر 2002 جي ومل در آمد جي صرتحال ۽ ان جي ڪمزورين ۽ طاقتن ۽ ان کان علاوه نمايان قانوني ماهرن جون پاليسي سفارشون پڻ شامل آهن. .

## مجتا

انهي پوزيشن پيپر "**پوليس آرڊر 2002 : تنقيدي جائزو ۽ آئيني بحث** "کي محمد علي نيڪوڪار، اڳوڻو سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي)، لکيو آهي. انهي کي پلدبيٽ پوليس پروسيڪيوشن سروس ۽ قانوني امداد جي نظام ۾ اصلاح واري منصوبي تحت ڇپرايو آهي جنهن کي ڊيولپمينٽ آلٽرنيٽوز انڪ (ڊي اي آئي) جي انهينسڊ ڊيموڪريٽڪ اڪائونٽيبلٽي اينڊ سوڪ انگيجمينٽ (اي ڊيس) پراجيڪٽ جي تحت سهڪار ڪيو آهي.

## لاتعلقي جو اظهار

انهي پيپر ۾ ليکڪ جا اظهار ڪيل خيال ضروري ناهن تہ پِلدبيٽ ۽ ڊيولپمينٽ آلٽرنيٽوز انڪ (ڊي اي آئي) جي سوچ ۽ نظريي جي عڪاسي ڪن.

اسلام آباد

نومبر 2015

## ليکڪ جي باري ۾



محمد علي نيڪوڪار سول ۽ پوليس سروسز ۾ لڳ ڀڳ اوڻيهه سال (1995 کان 2014 تائين) خدمتون سرانجام ڏينون آهن. 1999 کان پوليس سروس آف پاڪستان ۾ رهندي لاهور جي مشڪل فيلڊ ڪمن ۽ پنجاب جي مختلف ڀهراڙين ۾ هن پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. فيلڊ واري ڪم کان علاوه هي وزير اعليٰ پنجاب ۽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جو پڻ پرسنل اسٽاف آفيسر رهيل آهي.

.

نيڪوڪار هارورڊ ڪينيڊي اسڪول آف گورنمينٽ، آمريڪا مان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس، برطانيا مان ڪرمنل جسٽس پاليسي ۾ پڻ ماسٽرس ڪيائين.

## خلاصو

هن پوزيشن پيپر ۾ پوليس آرڊر (اڳتي جنهن کي پي او 2002ع لکيو ويندو) جي خوبين ۽ ڪمزورين جو جائزو ورتو ويو آهي. پي او 2002ع پوليس کي جمهوري بنائڻ جي ڪوشش تحت هيٺ ڏنل معاملن جو احاطو ڪري ٿو:

1. وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن وسيلي شهرين پاران نظرداري (آرٽيڪل 37 کان 96)
2. سياسي اختيارين جو پوليس فورس جي سربراه سميت ٻين پوليس آفيسرن جي بدلي ۽ مقرري ۾ ڪردار گهٽائڻ (آرٽيڪل 11، 12، 13، 15 ۽ 17)
3. سٽيزن پوليس ليان ڪميٽين وسيلي ڪميونٽي پوليسنگ (آرٽيڪل 168) ۽
4. پوليس ڪمپلينٽ اٿارٽي (آرٽيڪل 97 کان 108) ۽ پبلڪ سيفٽي ڪميشنن جي مدد سان ٻاهريون پڇاڻو

پوليس آرڊر 2002 جا ڪمزور پهلو اختيارين کي حاصل صوابديدي اختيارن جي صحيح نموني استعمال نه ٿيڻ، نگراني ڪندڙ شهري ادارن اندر ڪمزور سياسي توازن تي ٻڌل آهن.

اهو دليل ڏنو ويندو آهي ته جيئن ته پي او 2002 ۾ پوليس اندر جمهوري سڌارن لاءِ پوليس جي جمهوري حڪمت عملي جوڙڻ ضروري آهي تنهن ڪري ان تي عملدرآمد ۾ سياسي اختيارين، بيوروڪريسي ۽ بار بار ٿيندڙ ترميمون رڪاوٽ بڻجي رهيون آهن. پوليس بابت جمهوري سڌارن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ سياسي انتظاميه، سينئر پوليس اهلڪارن جي اڳواٽي ۽ فوجداري انصاف جي نظام سان گڏوگڏ سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جي منظم حمايت پڻ ضروري آهي. هن آرڊر تي صحيح نموني عملدرآمد نه ٿيڻ جي سببن ۾ مختلف لاڳاپيل ڌرين پاران دلچسپي نه وٺڻ، پي او 2002ع ۾ لڳاتار ترميمون ۽ سڀ کان اهم ارڙهين ترميم کان پوءِ پي او 2002 جي آئيني حيثيت شامل آهن.

انهيءَ بحث دوران اٿاريل ٻين معاملن ۾ ارڙهين آئيني ترميم جي نتيجي ۾ پي او 2002ع جي آئيني حيثيت ۽ پوليس بابت قانون سازي جي حوالي سان وفاقي ۽ صوبائي اسمبلين جي اختيارن جي قانوني حيثيت به اهم مسئلا نظر اچن ٿا. صوبائي خودمختياري جا حامي اهو دليل ڏين ٿا ته ارڙهين ترميم کان پوءِ پي او 2002 ۾ ترميم يا ان کي ختم ڪرڻ جو اختيار صوبائي اسيمبلي کي حاصل آهي. بلوچستان ۽ سنڌ انهيءَ اختيار هيٺ پي او 2002ع کي ختم ڪندي 19 وين صدي جي ظالماڻي مدي خارج ۽ ڏاڍ تي ٻڌل نظام ڏانهن موٽ ڪاڏي. اسلام آباد راڄڌاني واري علائقي ۽ گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير جهڙن خاص حيثيت وارن علائقن ۾ پوليس ايڪٽ 1861 ئي لاڳو رهيو. خيبرپختونخواه ۽ پنجاب ڪجهه ترميمن کان پوءِ پي او 2002ع تي ڪاربند آهن.
هن مقالي ۾ پي او 2002ع جي سنڌ پوليس بل 2014ع جي مسودي سان ڀيٽ ڪندي اهڙين ڪجهه اهم ڳالهين کي اجاگر ڪيو ويو آهي جيڪي پي او 2002ع ۾ موجود نه هيون. انهيءَ جائزي کان پوءِ ڪجهه علائقائي ۽ بين الاقوامي تجربن جو مختصر جائزو پڻ ورتو ويو آهي.

هن مقالي جي آخر ۾ درپيش مشڪلاتن جي روشني ۾ پي او 2002ع ۾ ترميمن جي لاءِ سفارشون پڻ پيش ڪيون ويون آهن ۽ پوليس جي صلاحيت ۽ پوليس کي ملندڙ ٻاهرين حمايت کي وڌائڻ لاءِ پوليس جو نظام هلائڻ جي علائقائي ۽ بين الاقوامي تجربن کي آڏو رکندي تجويزون ڏنيون ويون آهن.

## تعارف

پوليس آرڊر 2002 (پي او 2002) شايد ڏکڻ ايشيا ۾ جمهوري پوليس بابت قانون سازي ۾ سڀني کان وڌيڪ ترقي پسند قانون آهي. هن قانون پوليس اندر اهڙي انداز ۾ سڌارا آڻڻ جي بنيادي مقصد سان پوليس ايڪٽ 1861ع جي جاءِ والاري ته جيئن پوليس" آئين، قانون ۽ پاڪستاني عوام جي جمهوري امنگن موجب پنهنجا فرض" ادا ڪري سگهي. ان جو مقصد اهڙي پوليس فورس قائم ڪرڻ هو جيڪا پيشيوراڻي انداز ۾ ڪم ڪري، خدمت ۾ يقين رکندي هجي ۽ ماڻهو ان جو احتساب ڪري سگهن. هن قانون ۾ جنهن پوليس جو تصور پيش ڪيو ويو هو اها نه صرف ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۽ ڏوهن جي جانچ ۾ ماهر هجڻ سان گڏوگڏ امن عامه کي برقرار به رکي سگهندي هجي .

### پوليس آرڊر 2002ع جو تجزيو

### اهم خوبيون

پي او 2002ع جي اهم خوبيون هيٺ بيان ڪجن ٿيون؛

1. وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن وسيلي شهرين پاران نظرداري (آرٽيڪل 37 کان 96)
2. سياسي اختيارين جو پوليس فورس جي سربراه سميت ٻين پوليس آفيسرن جي بدلي ۽ مقرري ۾ ڪردار گهٽائڻ (آرٽيڪل 11، 12، 13، 15 ۽ 17)
3. سٽيزن پوليس ليان ڪميٽين وسيلي ڪميونٽي پوليسنگ (آرٽيڪل 168) ۽
4. پوليس ڪمپلينٽ اٿارٽي (آرٽيڪل 97 کان 108) ۽ پبلڪ سيفٽي ڪميشنن جي مدد سان ٻاهريون پڇاڻو

هن قانون پوليس مٿان ٻٽي ضابطي کي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس جي ڪمن ڪارين تي مئجسٽريٽ جي ڪنٽرول ۽ هدايتن بابت شقن (آرٽيڪل 10 کان 16) کي ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سان گڏوگڏ انهيءَ قانون پوليس کي ڪم جي نوعيت جي لحاظ کان مختلف شاخن، ڊويزنن، بيورز ۽ حصن ۾ ورهايو .

### ڪمزريون

1. پي او 2002ع جي هڪ خامي اختياري وارن جي ڪارڪردگي جو انتظام هلائڻ ۽ مليل صوابديدي اختيارن جي استعمال سان لاڳاپيل آهي جو ته اهي ٻئي شيون پي او 2002ع تي عملدر آمد تي اثر انداز ٿين ٿيون. مثال طور پي او 2002 هيٺ ضلعي سطح تي قائم ڪيل سي جي سي سيز لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي اختيار هيٺ ڪم ڪنديون آهن ۽ لاڳاپيل هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پاران ان جي نگراني لازمي ناهي.

2. بدلين ۽ مقررين لاءِ آءِ جي پوليس ۽ ريجنل ۽ ضلعي پوليس عملدارن کي مليل صوابديدي اختيارن کي صحيح نموني هلائڻ لاءِ محڪمي اندر صلاح مشوري ۽ چنڊ ڇاڻ وسيلي انهيءَ کي وڌيڪ شفاف، انصاف ڀريو ۽ سوچيل سمجهيل بنائڻ جي ضرورت آهي.
3. سياسي توازن کي بهتر بنائڻ جي لاءِ نگرانيءَ جي شهري ادارن جي چونڊ ڪندڙ پينل تي به نظرثاني جي ضرورت آهي.
4. پي او 2002ع ۾ شهرن ۾ پوليس جي نظام خاص امن امان جي صورتحال کي مستعد ۽ سهڻي نموني ضابطي هيٺ رکڻ جي لاءِ خاص گهرجن تي توجهه جي کوٽ نظر اچي ٿي. ڪراچي، لاهور، فيصل آباد ۽ راولپنڊي جهڙن وڏن شهرن ۾ اڪثر امن ۽ امان جي منجهيل صورتحال پيدا ٿئي ٿي ۽ انهيءَ ڏس ۾ پوليس پاران وڌيڪ هوشياري ۽ پيشيوراڻي انداز ۾ ڪارروائي جي ضرورت آهي.

## عملدرآمد جي صورتحال

پي او 2002ع جي ڪجهه حصن تي عملدرآمد ۾ اڳيرائي نظر آئي جيئن جانچ جو الڳ شعبو قائم ڪرڻ (آرٽيڪل 18) تي وڏن شهرن ۾ عمل ڪيو ويو، پوليس آفيسرن کي ڏوهه ۾ ملوث هجڻ تي سزائن (آرٽيڪل 156، 157، 158) ۽ ضلعي سطح تي سي جي سي سي جي جوڙجڪ (آرٽيڪل 109 کان 111) تي عمل ٿيو. ٻئي پاسي سيفٽي ڪميشنن، ڪمپلينٽ اٿارٽيز ۽ سٽيزن پوليس لائيزن ڪميٽين جهڙا پوليس کي جمهوري بنائڻ لاءِ ضروري ادارا يا ڍانچا يا ته قائم ئي نه ڪيا ويا يا وري انهن کي بي دلي سان قائم ڪري پي او 2002ع ۾ لڳاتار ترميمن وسيلي انهن کي ڇاڙي واٽي غيرفعال رکيو ويو. اهڙي ريت انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي چونڊ ۽ سندس مدي بابت قانونن جي ڀڪڙي ڪندي سياسي غيرجانبداري ۽ پوليس جي فعاليت تي سمجهوتو ڪيو ويو.

## صحيح نموني عملدرآمد نه ٿيڻ جا سبب

پي او 2002ع تي اثرائتي نموني عملدرآمد جي راهه ۾ هيٺيون رنڊڪون موجود هيون:

1. **شراڪتدارن سان لهه و چڙ جي کوٽ :** مقبول سياسي پارٽيون جيڪي هن سموري عمل ۾ سڀ کان اهم شراڪتدار هيون کي پي او 2002ع جي تياري جي عمل ۾ چڱي نموني شامل نه ڪيو ويو. ان جي نتيجي ۾ سياسي پارٽيون پي او 2002ع کي هڪ فوجي آمر جي پيداوار سمجهنديون هيون جيڪو انهن جي مٿان غيرجمهوري انداز ۾ مڙهيو ويو هو. ان ڪري اهي ان قانون کان جذباتي طور پري رهيون جيڪو اصل ۾ هڪ جمهوري دستاويز هو. پوليس جو نظام هلائڻ واري ڍانچي جي حوالي سان سياسي ۽ سماجي شرڪت، خيالن جي ڏي وٺ ۽ اتفاق راءِ جي پڻ کوٽ رهي. انهيءَ کوٽ جي ڪري اهم سياسي ۽ سماجي سطحن تي هن قانون ڏانهن ويڳاڻپ وارو رويو رهيو تنهن ڪري پوليس ۾ جمهوري سڌارن ۽ انتظامي ڍانچي جي بهتري واسطي عوامي حمايت پڻ حاصل نه ٿي سگهي.

2. **پي او 2002 ۾(2004 کان 2007ع دوران) ڪيل ترميمون :** پي او 2002 ۾ ترميمي آرڊيننس 2004ع وسيلي وڏي پيماني تي ترميمون ڪيون ويون ۽ اهو قانون ڪيترائي ڀيرا وري جاري ڪيو ويو. اهي ترميمون سياسي انتظاميا جا اختيار وڌائڻ جي لاءِ ڪيون ويون هيون. سپريم ڪورٽ 31 جولاءِ 2009ع واري پنهنجي مشهور فيصلي ۾ حڪم ڏنو ته اهي سمورا آرڊيننس جن کي عارضي آئيني حڪم نامي (پي سي او) 2007ع وسيلي تحفظ ڏنو ويو هو کي منظوري لاءِ پارليمنٽ ۾ پيش ڪيو وڃي پر پارليمينٽ ترميمي آرڊيننس 2004ع جي قانون طور منظوري نه ڏني ۽ پي او 2002 پنهنجي اصل صورت ۾ بحال ٿي ويو.
3. **ارڙهين ترميم ۽ پوليس ۾ جمهوري سڌارن لاءِ نوان چيلنج :** ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ پوليس قانونن بابت آئيني صورتحال پڻ مٽجي وئي ۽ صوبا پنهنجو پنهنجو پوليس قانون لاڳو ڪرڻ کي قانوني قدم سمجهڻ لڳا. پنجاب ۽ خيبرپختونخواه عملدرآمد ۾ بي دلي باوجود پي او 2002ع کي ذري گهٽ ساڳي صورت ۾ جاري رکيو. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪومتن پوليس کي جمهوري بنائڻ جي آئيني ذميداري کي پاسيرو رکندي 150 سال پراڻو غلامي جي دور وارو ظالماڻو قانون واپس لاڳو ڪيو. انهيءَ ڏس ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هيٺين راءِ ڏني :

"ايستائين جو پوليس آرڊر 2002 جي ڪيس ۾ اهو ڏسي مايوسي ٿئي ٿي ته ارڙهين ترميم جي منظوري کان پوءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي صوبن پوليس آرڊر 2002ع کي پاسيرو رکندي پوليس جي اهڙي قانون ڏانهن واپس وريا جيڪو غلامي واري دور جي باقيات هو، جڏهن پوليس کي اصلوڪن رهاڪن کي لغام ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو."

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪومتن ۽ اٽارني جنرل کي حڪم ڏنو ته "اهي پوليس ايڪٽ 1861ع وسيلي قائم ڪيل پوليس جي نظام جي آئيني هجڻ جو جائزو وٺڻ جي لاءِ پنهنجا جواب داخل ڪرائين. هن رپورٽ ۾ اهو واضح ڪيو وڃي ته پوليس بابت اهي قانون ڇا سياسي اثر کان پاڪ پوليس جي جوڙجڪ ۽ تنظيم جي اجازت ڏين ٿا جيڪا شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ واري تصور سان پڻ هم آهنگ هجي"

## وفاقي ۽ صوبائي قانون ساز ادارن جي پوليس جي انتظامي ڍانچي بابت قانون سازي جي اختيارن تي آئيني بحث

آئين (ارڙهين ترميم) ايڪٽ سال 2010ع (ارڙهين ترميم) جي هيٺ ڪنڪرنٽ لسٽ کي رد ڪيو ويو، جنهن جو اثر اهو ٿيو ته معاملا دراصل گڏيل فهرست ۾ شامل هئا جن ۾ پوليس ۽ امن و امان جا معاملا شامل هئا. اهي خصوصي طور تي صوبائي اسيمبلين جي قانون سازي جي اختيار ۾ اچي ويا، ان لاءِ صوبائي خودمختياري جي دعوي ڪندڙ اهو دليل پيش ڪن ٿا ته صوبائي اسيمبليون جنهن طريقي سان چاهين انهن کي رد ڪري يا ان ۾ ترميم ڪري سگهن ٿيون.

**آئيني پهلو: پوليس قانونن جي باري ۾ قانون سازي ڪرڻ جا پارليمينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جا اختيار**
**مسٽر شاهد حامد (قانون جي ماهر جي راءِ)**

آرٽيڪل 270 اي اي (2) جنهن کي آئين جي اندر 18 هين ترميمي ايڪٽ 2010ع جي ذريعي شامل ڪيو ويو آهي. اهو ته چيف ايگزيڪيوٽو جا سمورا حڪم جيڪي انهن تاريخ 12-10-1999 ۽ 31-10-2013 جي وچ ۾ جاري ڪيا، اهي عمل جوڳا رهندا جيستائين مجاز اٿارٽي ان ۾ ترميم نه ڪري. مجاز اٿارٽي جي تشريح به ڪئي وئي ته ان جو مطلب مناسب قانون ساز اسيمبلي.

آرٽيڪل 142(بي) ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته پارليمينٽ ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي ٻنهي کي فوجداري قانون ، فوجداري ضابطه ڪار ۽ شهادت جي متعلق قانون ناهڻ جا اختيار حاصل هوندا. آرٽيڪل 143 بي ۾ اهو قرار ڏنو ويو آهي ته پارليمينٽ جي ايڪٽ ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي جي ايڪٽ جي وچ ۾ عدم مطابقت جي صورت ۾ اول ذڪر ڪيل جي فيصلي کي اهميت حاصل هوندي.

سوال اهو آهي ته پوليس آرڊر 2002ع فوجداري قانون جي دائري ۾ ڪٽيو ويندو آهي يا فوجداري ضابطه ڪار ۾ بظاهر ان جو شهادت جي معاملي يا موضوع سان ان جو ڪوبه تعلق نه آهي. پارليمينٽ صوبائي اسيمبلين جي قانونن جي باري ۾ پوليس آرڊر کي رد ڪن ٿا يا ان ۾ ترميم ڪن ٿا، ان جي آئيني حيثيت جو حتمي تعين متي ڇاڻايل ڪيسن ۾ سپريم ڪورٽ کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ حتمي طور تي اهو فيصلو ڏئي ٿي ته معاملا جيڪي پوليس آرڊر 2002 (سپ جا سپ) جي دائري اختيار ۾ ايندا آهن اهي فوجداري قانون يا فوجداري ضابطن جو حصو آهن ۽ اهو ته ان جي لاءِ مجاز اٿارٽي / مناسب قانون ساز اسيمبلي پارليمينٽ آهي، تنهن هوندي صوبائي اسيمبليون آئين جي آرٽيڪل 142 (بي) جي مناسبت سان اهڙن قانونن جي منظوري ڏئي سگهن ٿيون جيڪي پوليس آرڊر 2002ع جي فيصلن سان گڏ عدم مطابقت نه رکندا هجن.

هڪ ٻيو امڪان اهو آهي ته سپريم ڪورٽ پوليس آرڊر 2002ع جي ڪجهه حصن جي باري ۾ فيصلو ڏئي سگهي ٿي ته اهي فوجداري قانون يا فوج داري ضابطن جي دائري ۾ شامل آهن. هڪ اهڙو واقعو رونما ٿيڻ، متي ڇاڻايل بابن جي فيصلي پوليس آرڊر 2002ع جي تحت محفوظ رهندا جڏهن ته صوبائي اسيمبليون ٻين فيصلن مثال طور پوليس جي جوڙجڪ ۽ تنظيم، ڊسٽرڪٽ پوليس جي سربراهه، ڊسٽرڪٽ پبلڪ ۽ عوام جي تحفظ جي ڪميشنن وغيره جي باري ۾ فيصلن جي ترميم ڪرڻ ۾ آزاد هونديون.

تنهن هوندي 18 هين ترميم ۾ گڏيل فهرست کي رد ڪرڻ وقت هڪ ئي وقت پاڪستان جي آئين 1973ع جي آرٽيڪل 142 (بي) ۾ به ترميم ڪئي وئي جنهن جي تحت پارليمينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين ٻنهي کي "فوجداري قانون، فوجداري طريقي ۽ شهادتن جي باري ۾ معاملن ۾ قانون سازي ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. اعلي عدالتن اهو نظريو قائم ڪيو آهي ته پوليس آرڊر 2002 جو

ٻانڌاپو بنيادي طور تي فوجداري قانون جي لاڳو ٿيڻ سان قائم ڪري سگهجي ٿو. لاهور هاءِ ڪورٽ اهو فيصلو ڏنو ته:

”هن ملڪ ڪي هڪ لکت واري قانون جي ذريعي هلايو وڃي پيو، فوجداري قانون ڪي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي چوٿين شيڊول جي حصي ٻئين ۾ لاڳاپيل گڏيل فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پوليس آرڊر 2002ع جو ٻانڌاپو بنيادي طور تي فوجداري قانون ۽ پوليس جي مقرري سان جوڙي سگهجي ٿو، تنهن لاءِ اهو واضح طور تي ڄاڻايل فهرست[2] جي اندر واقع هوندو.“

آئين جي آرٽيڪل 143 ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته وفاقي ۽ صوبائي قانونن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي صورت ۾ وفاقي قانون کي بالادستي حاصل ٿيندي، ان لاءِ ٻيا ماڻهو اهو دليل ڏين ٿا ته پوليس آرڊر 2002ع آئين جي آرٽيڪل 142 (بي) جي هيٺ فوجداري قانون جي دائري اندر اچي ٿو ۽ صوبائي اسيمبليون صرف اهڙا قانون منظور ڪري سگهن ٿيون جيڪي پوليس آرڊر 2002 سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن.

ارڙهين ترميم حقيقت ۾ آئين جي آرٽيڪل 270 اي اي (6) کي نظر ۾ رکندي پوليس آرڊر جي شقن کي نہ رد ڪري ٿي نہ ئي ان کي بي اثر بڻائي ٿي. جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ 18 هين ترميم جي ذريعي گڏيل فهرست جي خاتمي جي باوجود ، ڄاڻايل فهرست آرڊرز سان گڏ بيان ڪيل ڪنهن بہ معاملي جي باري ۾ سمورا قانون جيڪي پاڪستان ۾ يا ان جي ڪنهن حصي ۾ 18 هين ترميم جي شروعات کان اڳ عمل جوڳا هئا. اهي ان وقت تائين عمل جوڳا رهندا جيستائين انهن ۾ بااختيار اٿارٽي پاران ڦير گهير يا ان کي رد نہ ڪيو وڃي يا ان ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي.

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جيستائين ان ڳالهہ جو فيصلو نہ ڪندي تہ ڇا”با اختيار اٿارٽي“ صرف صوبائي اسيمبليون يا پارليمينٽ هوندي جنهن ۾ صوبائي اسيمبلين وٽ اهڙا قانون منظور ڪرڻ جا محدود اختيار هوندا جيڪي پوليس آرڊر 2002ع سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن.

**پارليمينٽ کي ڇهين شيڊول ۾ شامل سمورن 30 قانونن کي صدر مملڪت جي اڳواٽ منظوري کان بغير ترميم ڪرڻ جي لاءِ اختيار ملي ويا.**
**بيرسٽر ارم علي جي راءِ**
پوليس جي پرتي جي باري ۾ آئين (ارڙهين ترميم) ايڪٽ 2010ع جي روشني ۾ قانون سازي تي صوبائي ۽ وفاقي بحث ڪيترن ئي حلقن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. هڪ راءِ ۾ اها تجويز ڏني وئي آهي تہ گڏيل فهرست (حصو ٻيون شيڊول چوٿون)ختم ڪرڻ سان پوليس جي پرتي جي باري ۾ قانون سازي جا اختيار پاڻ مرادو صوبن کي منتقل ٿي ويا آهن.

آئين جي آرٽيڪل 270 اي اي (6) کي نظر ۾ رکندي پوليس آرڊر 2002 ان وقت تائين عمل جوڳو رهندو جيستائين ان ۾ مجاز اٿارٽي يعني پارليمينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي پاران آئين جي آرٽيڪل 146 (بي) کي نظر ۾ رکندي ڦيرگهير، رد يا ان ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي. ارڙهين ترميم جي تحت ڇهين شيڊول ختم ڪرڻ ۽ پوليس آرڊر جي ڇهين شيڊول ۾ نمبر 35 کي داخل ڪرڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ پوليس آرڊر 2002ع کي آئين مان ختم ڪيو ويو آهي. ان جي صرف اها معني هئي تہ

پارليمينٽ کي ڇهين شيڊول ۾ شامل سمورن 30 قانونن کي صدر مملڪت جي اڳواٽ منظوري کان بغير ترميم ڪرڻ جا اختيار حاصل هوندا.

آرٽيڪل 142 کي آرٽيڪل 143(بي) سان ملائي ڪري پڙهڻ سان انڪشاف ٿئي ٿو تہ وفاق قانون ساز اسيمبلي کي پنهنجي بنيادي فرضن مان هڪ فرض کي نڀائڻ سان ڪنهن آئيني ترميم کان قطع نظر روڪي نٿو سگهي. آرٽيڪل 143 وضاحت سان بيان ڪري ٿو تہ وفاقي ۽ صوبائي قانونن ۾ ڪنهن اختلاف يا ڇڪتاڻ جي صورت ۾ پهريان ذڪر ڪيل کي سبقت حاصل هوندي

جڏهن تہ پوليس آرڊر 2002ع پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ ڪجھ ترميمن سان گڏ قانون آهي جڏهن تہ سنڌ ۽ بلوچستان پوليس ايڪٽ 1861ع ڏانهن ٻيهر موٽي ويا آهن. سپريم ڪورٽ سنڌ ۽ بلوچستان جي صوبائي حڪومتن ۽ اٽارني جنرل آف پاڪستان کي هدايت ڪئي آهي تہ اهي پنهنجي راءِ جمع ڪرائين جيئن سپريم ڪورٽ سنڌ يا بلوچستان ۾ پوليس آرڊر 2002ع جي خاتمي واري قدم جي قانوني هجڻ جو جائزو وٺي سگهي.

ان تشريح سان جڏهن صوبائي قانون ساز اسيمبلين جي ڪجھ علائقن ۾ قانون سازي ڪرڻ جي اٿارٽي جا اختيار حوالي ڪيا ويا آهن، پوليس جي پرتي جو معاملو جنهن جو تعلق رياست جي سلامتي ۽ فوجداري معاملن سان آهي (جهڙوڪ خارج ڪيل گڏيل فهرست ۾ بيان ڪيو ويو آهي) وفاقي قانون جي دائري ۾ برقرار رهڻو آهي. ڪنهن بہ ٽڪراءَ يا تڪرار کي پوليس آرڊر 2002ع جي حوالي سان حل ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڏس ۾ صوبن پاران ڪيل ترميمون يا قانون کي ختم ڪرڻ جهڙو قدم وفاق قانون سان ٽڪراءَ جي صورت ۾ قانون کان مٿانهون تصور ڪيو ويندو. انهيءَ مونجهاري کي يا تہ پارليمنٽ پاران قانون جي منظوري يا وري انهيءَ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ يا وري سپريم ڪورٽ جي واضح حڪم وسيلي حل ڪيو ويندو.

**سنڌ پوليس بل 2014ع جو مسودو: ڪجھ ڪارائتيون تجويزون**

پاڪستان فورم فار ڊيموڪريٽڪ پوليسنگ جسٽس ريٽائرڊ ناصر اسلم زاهد جي نگراني ۾ ۽ ليگل ايڊ آفيس جي سهڪار سان ڊرافٽ سنڌ پوليس ايڪٽ 2014 (سنڌ پوليس بابت تجويز ڪيل قانون) جوڙيو آهي جنهن ۾ پوليس ايڪٽ 1861ع کي ختم ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي وئي آهي. پوليس آرڊر 2002 ۽ سنڌ پوليس بابت تجويز ڪيل قانون جي تقابلي جائزي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پوليس آرڊر 2002ع ۾ سخت شهري نگراني ۽ پوليس لاءِ بيروني طور تي احتساب جو هڪ زياده واضح ۽ نمايان ڍانچو موجود هو. سنڌ ڊرافٽ پوليس لا ۾ ڪجھ اهم تجويزون ڏنيون ويون آهن جيڪي پنجاب ۾ جمهوري طرز تي پوليس جي سڌارن ۾ فائديمند ۽ معاون ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهي سفارشون جن جون برابري تجويزون پوليس آرڊر 2002ع ۾ موجود نہ آهن، هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

1. سنڌ پوليس لا ڊرافٽ پنهنجي تمهيد ۾ پوليس کي سياسي اثرن کان پاڪ ڪرڻ جي ضرورت کي تسليم ڪيو آهي.

2. آرٽيڪل 12(1) ۾ پوليس ۾ عملي جي ڪوٽ کي ختم ڪرڻ جي سبب ڪان سنڌ پوليس لا ڊرافٽ ۾ حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته اها عالمي معيارن جي مطابق 250 شهرين جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪانسٽيبل جي شرح قائم ڪري (آرٽيڪل 12 (1)).

3. شهري علائقن ۾ پوليس جي مقرري جي خصوصي ضرورتن کي تسليم ڪندي ان جي آرٽيڪل 7 (1) ۾ اهو قرار ڏنو ويو آهي ته ميٽروپوليٽن علائقن جن جي آبادي تمام وڏيڪ آهي ۽ اتي امن و امان جا مسئلا منجهيل آهن اتي هڪ ميٽروپوليٽن پوليس سسٽم جنهن وٽ وڏيڪ مهارت، وحداني نوعيت، قانوني اختيار ۽ ذميداري هجي قائم ڪرڻ گهرجي. اهڙن علائقن ۾ جتي ميٽروپوليٽن پوليس سسٽم هوندو، ڪمشنر ان ايڪٽ يا فوجداري ضابط قانونن 1898 يا ڪنهن ٻئي قانون جي تحت حاصل ڪيل سمورا اختيار يا انهن مان ڪو هڪ اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ان لاءِ شرط اهو آهي ته اهو اختيار حڪومت جي پاران مقرر ڪيل شرطن ۽ پابندي جي مطابق هجي(آرٽيڪل 7 (5)).

4. **عورتون:** ان ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته (i) سنڌ پوليس ۾ عورتن جي نمائندگي پوليس جي مجموعي فورس جي 10 سيڪڙو ڪان گهٽ نه هوندي.(ii) هر پوليس اسٽيشن ۾ مناسب سهولتون ۽ ٻارن جي سارسنڀال جو بندوبست ٿيل هوندو. (iii) برابري جا موقعا (iv) هر رينڪ ۽ ڪيڊر ۾ ترقيون ۽ مقرريون ڪرڻ وقت جنس جي غيرجانبداري جو خيال رکيو ويندو(آرٽيڪل 120). (v) عورت پوليس آفيسرن ۽ پوليس ٽريننگ ادارن ۾ انسپيڪٽرن جي مقرري جي لاءِ خصوصي قدم کڻڻ گهرجن.(آرٽيڪل 21 (5)) ۽ رهائش، ڊي ڪيئر، گهر کان آفيس اچڻ وڃڻ جي لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ هڪ خير سگالي جي ماحول جي متعلق ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ انتظام (آرٽيڪل 12 (6)).

5. ان ۾ هڪ ايمرجنسي ۾ فوري ڪارروائي جو نظام متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن کي حڪومت هر هڪ علائقي جي لاءِ قائم ڪندي. هڪ ضروري ساز وسامان سان ليس هڪ ڪنٽرول روم جنهن ۾ رابطن جون مناسب سهولتون موجود هجن، گشت جي لاءِ گاڏين جو نيٽ ورڪ هجي ۽ ٻيون ضروري سهولتون ميسر هجن (آرٽيڪل 117).

6. اهو وڏيڪ تقاضا ڪري ٿو ته پوليس بابت تصور بهتر بڻايو وڃي .ان باري ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس هڪ ڪميونٽي آئوٽ ريچ آفيسر (ڪميونٽي تائين پهچ جي لاءِ آفيسر) جنهن جو عهدو اي ايس آءِ کان گهٽ نه هوندو، مقرر ڪندو جيڪو ڪميونٽي تائين پهچ ۽ رابطي جا موقعا يا اعتمادسازي جي لاءِ ڪنهن ٻئي قدم کي منظم ڪندو جيئن عوام تائين پهچ حاصل ڪري سگهجي (آرٽيڪل 121).

7. سنڌ پوليس لا مسودي ۾ عوام کي اهو حق ڏنو ويو آهي ته اهو هڪ رسيد حاصل ڪري سگهي جنهن ۾ ان مرد يا عورت پاران داخل ڪرايل شڪايت موصول ٿيڻ جو اطلاع هوندو جيئن اهي پنهنجي شڪايتن جي باري ۾ پوليس پاران ڪيل ڪارروائي يا تحقيقات جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهن (آرٽيڪل 28 (5)).

### علائقائي ۽ عالمي تجربا

پوليس ۾ جمهوري سڌارا آڻڻ جي لاءِ ضروري آهي ته علائقائي ۽ عالمي تجربن مان سبق حاصل ڪيو وڃي:

1. **پارٽ:** پوليس جي ڪارروائي، مقرري جي فيصلن، فرضن کان ڪوتاهي تي نظر رکڻ ۽ پوليس آفيسرن کي موجوده صورتحال ۾ گهربل تحفظ جي فراهمي ۾

بهتري آڻڻ لاءِ پوليس آرڊر 2002ع تي نظرثاني ڪندي پنجاب پوليس ايڪٽ 2007ع (انڊيا ايڪٽ)۽ ڪيرالا پوليس ايڪٽ 2011 (ڪيرالا ايڪٽ) جون ڪجھ شقون ڪارائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون.

(الف) اسپيشل سيڪيورٽي زون انڊيا ايڪٽ جي آرٽيڪل 23 ۾ اندروني سيڪورٽي جي اسڪيم ڏنل آهي، جڏهن تہ ساڳي ايڪٽ جو آرٽيڪل 34 جڏهن ۽ جتي ضرورت پوي عسڪريت پسندي ۽ دهشت گردي جي چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت پاران سپيشل سيڪيورٽي زون قائم ڪرڻ جي اجازت ڏي ٿو.

(ب) پوليس اسٽيبلشمينٽ ڪميٽي انڊيا ايڪٽ جي آرٽيڪل 32 هين ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس تائين جي عهدي وارن آفيسرن جي بدلي ۽ مقرري جا فيصلا وڌيڪ شفاف، گڏيل ۽ سوچيل سمجهيل انداز ۾ ڪرڻ لاءِ پوليس اسٽيبلشمينٽ ڪميٽي جو تصور ڏي ٿو.

(ج) تشدد ۽ ڪرپشن جي رپورٽ ڏيڻ ڪيرالا ايڪٽ جي آرٽيڪل 96 هيٺ پوليس آفيسر ڪرپشن ۽ تشدد جي رپورٽ ڏيڻ جا پابند آهن.

(د) نيڪ نيتي سان ڪنيل قدمن کي تحفظ ڏيڻ:

I. انڊيا ايڪٽ جو آرٽيڪل 69 پوليس آفيسرن پاران نيڪ نيتي سان ڪنيل قدمن کي تحفظ ڏيئي ٿو ۽ پوليس آفيسر خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اختيارين جي رپورٽ يا منظوري جي تقاضا ڪري ٿو.

II. ڪيرالا ايڪٽ جو آرٽيڪل 113 پڻ نيڪ نيتي سان ڪنيل قدمن کي تحفظ فراهم ڪري ٿو– " هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل يا اختيار ڏنل ڪنهن حڪومت يا ڪنهن پوليس آفيسر يا ڪنهن سرڪاري نوڪر خلاف سندس ڪنهن نيڪ نيتي سان اهڙي قدم کڻڻ يا ان جو ارادو ڪرڻ جيڪو هن ايڪٽ هيٺ سندس سرڪاري ذميداري ۾ شامل هجي جي حوالي سان ڪوئي قانوني قدم، ڪيس يا ڪا ٻي قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي. ڪابہ عدالت هن ايڪٽ هيٺ اهڙي ڪنهن ڏوھ جو نوٽيس ڪٺندي الزام هيٺ آيل پوليس آفيسر خلاف حڪومت جي اڳواٽ اجازت کان سواءِ ڪارروائي عمل ۾ نہ آڻيندي".

(هه) پوليس ايسوسي ايشن ڪيرالا ايڪٽ جو آرٽيڪل 109 پوليس ايسوسي ايشن قائم ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ٿو.

1. **انگلينڊ:** انگلينڊ ۽ ويلز ۾ ايسوسي ايشن آف چيف آف پوليس آفيسرز (اي سي پي او) پاليسي سازي ۽ لابنگ جي اداري جي ڪردار جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي جنهن ڪُل وقتي سيڪريٽريٽ مقرر ڪيو آهي ۽ متعدد پاليسي ڪميٽيون جوڙيون آهن جنهن ۾ هرهڪ جي سربراهي هڪ چيف ڪانسٽيبل ڪندو آهي جنهن جو مقصد پوليس جي مقرري جي باري ۾ مجموعي قومي آواز کي هٿي وٺرائڻ آهي.بدقسمتي سان پاڪستان ۾ ٻين ترقي پذير جمهوريتن وانگر آزاداڻي راءِ جي لاءِ آواز اٿارڻ جي حق کي نظم و ضبط جي ڀڃڪڙي سمجهيو ويندو آهي ۽ ان تي ٽريڊ يونين جهڙين سرگرمين جو ليبل لڳايو ويندو آهي.

### اسيمبلي ميمبرن لاءِ سفارشون

1. پوليس سڌارن جي طرف اڳڀرائي کان اڳ پوليس جي انتظامي ڍانچي جي باري ۾ وسيع تر ۽ مباحثو انتهائي لازمي آهي.سياسي پارٽين سميت سمورن شراڪتدارن، پوليس ۽ فوجداري انصاف جي سمورين ڌرين، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي، عوام ۽ لاڳاپيل ادارن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پوليس جي ماڊل نظام جي جوڙجڪ جي لاءِ مشاورت ڪرڻ گهرجي.
2. پي او 2002ع جي اهم جمهوري شقن تي عمل ڪندي هيٺ ڏنل ادارا فوري طور قائم ڪيا وڃن:
   I. شهرين جي پاران پوليس جي سخت نگراني ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ لاءِ ٻہ جماعتي پبلڪ سيفٽي ڪميشنن جي جوڙجڪ
   II. پوليس جي خلاف شڪايتون وصول ڪندڙ عملدار پوليس جو بيروني طور تي احتساب ڪرڻ جي عمل کي بهتر بڻائين.
   III. سٽيزن پوليس رابطا ڪميشنن (سي پي ايل سي): پوليس آرڊر 2002 جي آرٽيڪل 168 ۾ چيو ويو آهي تہ "حڪومت سي پي ايل سي قائم ڪري" ان شق کي اختياري جي بدران لازمي قرار ڏيڻ گهرجي.
3. آءِ جي جي چونڊ ۽ ملازمت جي مدي جي باري ۾ پوليس آرڊر 2002ع جي آرٽيڪل 12 کي عملي جامو پهرايو وڃي تہ جيئن قابليت جي بنياد تي مقرري ۽ آءِ جي پي کي مناسب مهلت فراهم ڪري سگهجي. ان سان آءِ جي پي جي ڪارڪردگي جانچڻ ۽ پوليس کي وڌيڪ مددگار ۽ جوابده بڻائڻ ۾ مدد ملندي.
4. پوليس اسٽيبلشمينٽ بورڊ جي جوڙجڪ ڪرڻ جي لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪري اهو بورڊ جيڪو سينئر پوليس آفيسرن تي ٻڌل هجي، آءِ جي پي جي مدد ڪندو ۽ ڊپٽي/ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس کان گهٽ درجو رکندڙ آفيسرن جي مقرري، بدلين ۽ ترقين جي سفارش ڪندو جيئن بدلين ۽ مقررين جي باري ۾ فيصلن کي وڌيڪ شفاف ۽ سوچيل سمجهيل بڻائي سگهجي.
5. صوبائي ڪريمنل جسٽس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (سي جي سي سي): صوبائي سطح تي هڪ سي جي سي سي جو قيام عمل آندو وڃي جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي چيئرپرسن جي طور تي، آءِ جي پوليس، گهرو سيڪريٽري، قانون وارو سيڪريٽري، سيڪريٽري پراسيڪيوشن ۽ وائيس چيئرمين پنجاب بار ڪونسل ميمبرن جي طور تي شامل هجن. اها صوبائي سي جي سي سي (الف)اها ضلعن جي سي جي سي سي جي ڪارڪردگي جي ٽہ ماهي بنياد تي جانچ پڙتال ڪندي ۽ (ب) قانونن ۽ پاليسين جو جائزو وٺندي، حڪمت عملي سان غور ڪندي ۽ فوجداري انصاف جي نظام ۾ سڌارن ۽ بهتري جي لاءِ ٽہ ماهي بنياد تي تدبيرن جي تجويز ڏيندي. (ج) فوجداري انصاف ۾ بهتري ۽ انهيءَ نظام جي ميمبرن جي وچ ۾ موجود لاتعلقي کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ تجويزون پيش ڪندي. هڪ وفاقي ڪريمنل جسٽس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي سپريم ڪورٽ جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪري سگهجي ٿي جيڪڏهن سپريم ڪورٽ اهو فيصلو ڏيئي ٿي تہ پي او 2002ع سميت پوليس بابت قانون وفاقي قانون سازن جي دائري ۾ اچن ٿا.
6. آءِ جي کي علائقائي، شهري ۽ ضلعي پوليس سربراهن جي مقرري جي لاءِ بااختيار بنائڻ جي لاءِ پوليس آرڊر

2002ع جي آرٽيڪل 13، 15، 17 ۾ ترميم ڪئي وڃي. ان سان پوليس کي پنهنجي ڪمانڊر سان هم آهنگ بنائڻ ۽ پوليس جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ بهتري پيدا ٿيندي.

7. صوبائي پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي آزاد ميمبرن جي چونڊ جي لاءِ وڏي وزير سميت چونڊ پينل ميمبرن جي نامزدگي جو اختيار گورنر بدران صوبائي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ڏيڻ جي لاءِ پوليس آرڊر 2002 ۾ ترميم ڪئي وڃي، ان سان چونڊ پينل کي وڌيڪ جمهوري، ڀرپور ۽ ممڪن حد تائين غيرجانبدار بڻائي سگهجي ٿو ڇو ته گورنر جو اڪثر تعلق حڪمران جماعت سان هوندو آهي. ساڳي نموني پي او 2002ع جي آرٽيڪل 89 ۾ ترميم ڪري نيشنل پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي آزاد ميمبرن جي چونڊ لاءِ پينل ۾ وزيراعظم جي نمائندي سان گڏ صدر جي بدران مخالف ڌر جي اڳواڻ کي پنهنجو نمائندو نامزد ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي.

8. پوليس آفيسرن کي تشدد، بدعنواني جي وارداتن جي رپورٽ ڪرڻ جو ذميدار بنائڻ لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪئي وڃي.

9. ڊيوٽي دوران پوليس آفيسرن پاران نيڪ نيتي سان کنيل قدمن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ پي او 2002ع جي آرٽيڪل 172 ۽ 173 ۾ ترميم ڪئي وڃي. اهو پوليس آفيسرن جي دل وڌائڻ ۽ سندن حوصلو وڌائڻ لاءِ ضروري آهي.

10. تشدد پسندي ۽ دهشت گردي جي خطرن جو اثرائتي طور تي مقابلو ڪرڻ جي خاطر خصوصي سيڪورٽي زون جي قيام جي لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪئي وڃي.

11. پاڪستان ۾ پوليس ڪمشنري جي نظام کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. پوليس ڪمشنر حڪومت جي فيصلن جي مطابق نظم و ضبط جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اهي اختيار استعمال ڪن جيڪي هڪ مجسٽريٽ کي حاصل آهن.

پلڈاٹ

پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرنسی


اسلام آباد آفیس: پي او باکس نمبر 278، ایف ایٹ، پوسٹل کوڈ 44220، اسلام آباد، پاکستان
لاهور آفیس: پي او باکس 11098، ایل سي سي ایچ ایس، پوسٹل کوڈ 54792، لاهور، پاکستان
اي میل info@pildat.org ویب سائیٹ www.pildat.org